www.iqbalkalmati.blogspot.com



# سوچن سڌا سڳن

تاج جويو | اياز گل

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# سوچون سرها گل

(شاعري)

تاج جويو • اياز گل

سنڌ اشاعت گهر، سکرنڊ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

حق ۽ واسطا شاعرن وٽ محفوظ


* سوچون سرها گل (شاعري)
* شاعر: تاج جويو/اياز گل
* ڇاپو: پهريون
* سال: ١٩٧٨ع
* ڪاپيون: هڪ هزار
* ڇپائيندڙ: سنڌ اشاعت گهر، سڪرنڊ.
* ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
* ٽائيٽل ڊزائن: فتاح
* ڇپائي سونهان: ميسرز آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد.

قيمت: ٥ روپيا

SOCHOON SURHA GUL.
(Poetry)

- *Poets: Taj Joyo/Ayaz Gul.*
- *Edition: First.*
- *Year: 1978*
- *Copies: 1,000*
- *Publishers: Sindh Ishait Ghar, Sakrand.*
- *Printers: Jamali Printing Press, Hyderabad.*
- *Cover Design: Fatah.*
- *ptg: Consultants:*

M/s Aagam Publishing Agency, Hyderabad.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# انڊلـت رڪـا

**ايـاز گل**

مهاڳ.......... تنوير عباسي

نظم............

گيت...........

آزاد نظم..........

غزل........ ....

دوها...........

ترائيل..........

ٽيڙو..........

بيت...........

**تاج جويو**

مهاڳ....... شمشير الحيدري

بيت...........

وايون..........

دوها...........

گيت...........

غزل...........

نظم...........

آزاد نظم..........

رينگا...........

چٻارا...........

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تہ ايازگل آڌام جي شروعات ڪري چڪو آهي. سندس هيءُ شعر پڙهو:

”وارو ڙي وارو !!“
ڪوڪون ڪچي وارن جون،
بند ۾ پيو گهارو.

هن شعر ۾، ٽيڙوءَ جون فني ضرورتون تہ پوريون آهن، پر اڃا بہ اڳتي، هن شعر ۾ گنڊل ڊنل اکرن وارا سڪا نتا ملن. ائين ٿو لڳي تہ ايازگل، نئين ضرب خاني جي شروعات ڪري، نوان سڪا پلٽيا آهن. هن ٽيڙوءَ ۾ اهڙا لفظ آهن، جيڪي اڄڪلهہ عام شاعر استعمال نٿو ڪري، ۽ هيءُ شعر ان واقعي ڏي ڌيان ٿو ڇڪائي، جيڪو شاعريءَ ۾ نئون نئون آيل آهي. ڪنهن نئين ريڪارڊ جان ڪا نئين ڌن آهي.

اهڙائي ٻيا شعر:

ٽرئفڪ جو درياهہ،
وڏي شهر ۾ ڳوٺائي جو
من ۾ آهي ساهہ.

پنجون مهينو پيٽ
لڪي لڪي لوڪ کان
ڇوري ڪائي ميٽ.

—

راهن تان راڪاس گهمي ويو،
هيسيل ڇهرا، پوليس در.

—

گذريل گهڙيون ياد ڏياري،
آلبم ۾ تنهنجي تصوير.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



متين شعرن ۾ نئين ڏاليل سڪي وارو جرڪو آهي.
انهن ۾ سماجي شعور به آهي، پر اها روايتي پينو نينگر ناهي، جنهن جي مرڪ تي ڪشتي ۾ رپيا ٽا پون.

ازرا پائونڊ لکيو آهي ته ”هر فنڪار، پنهنجي شروعاتي دؤر ۾، ڪنهن نه ڪنهن وڏي فنڪار کان متاثر ٿيندو آهي.“ ايازگل ان دؤر ۾ به سنا سنا، پڪا ۽ پختا شعر ڏنا آهن. انهن شعرن ۾ جيتوڻيڪ ”عام پسند وارين عادتن“ کي تسڪين ڏيڻ واري شاعري آهي، پر تڏهن به فني پختگي ۽ نواڻ سان پريل آهن، ۽ اهڙي قسم جي عام پسند وارن گهڻن شاعرن کان ايازگل اڳيرو نڪري ويو آهي، توڻي جو سندس عمر ڪانئن گهٽي ننڍي آهي.

رچرڊس جي عملي تنقيد (Practical Criticism) جي اصول موجب هيٺيان شعر، شاعر جي نالي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪن ماڻهن کي ڏجن، ۽ سندن خامين ۽ خوبين تي بحث ڪرائجي، ته اهي پڙهندڙ هي شعر ايازگل جا نه، پر ڪنهن چڱي Established شاعر جا سمجهندا.

چاهت اهڙو رنگ رچايو،
چهرا چنڊ، ستارا ٿي پيا.

*

يادون، سپنا، خط اوهان جا،
جيئڻ ڪاڻ سهارا ٿي پيا.

*

ڪيترا ٿاپڙيا، ٿڙيا آهيون،
گهر جي در تي اچي پچڻ تائين.

*

جي ڪنهن کي به پيارا ناهن،
ڪيڏا سي ويچارا ووا

www.iqbalkalmati.blogspot.com



*

منهنجي ياد ائين رهندئي جئن،
ذهن تي ڪا لوڪ ڪهاڻي!

*

سچَ جي ۽ سچ جي ناؤ اڳيان سدا،
ڪوڙ جي برف جا ڪوٽ رجندا رهن.

*

غزل اڄ رات پڙهين! واهه جو لکجي ويندو،
ذهن منهنجي تي سنڌ ياد جو ڪڙڪو آهي.

*

پيٽ ۾ بکئي، ڳل ۾ پڳڙن ۾ لپ آ، ڇڙ ڪا موتين مُٺ،
ڇيهان ڇيهان سوره ۾ ڇاتي، ڪانئر گهايل پُٺ.

*

ڇڏ ڇڏ، ڇيڪ نه ڪر او ڇوري!

---

اسان جي مشرق ۾، اجا مسئلا آهن. سماجي مسئلن جو ذڪر مغربي شاعريءَ ۾ ان ڪري ختم ٿي ويو، جو اتي هرڪو پيٽ پري ڪائي ٿو، بيماري، غلاظت ۽ گندگي ناهي، سياسي ۽ قومي آزادي آهي، اسان اجا اتي نه پهتا آهيون، پر اسان انهن مسئلن کي روايتي انداز ۾ شاعريءَ ۾ رائج ڪري شاعريءَ تي وڏي مسئلن بنهي کي بي اثر ڪري ڇڏيو آهي. اياز گل ان ڏس ۾ انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جن انهن مسئلن کي روايتي نه بنايو آهي، پر دل جي سچائيءَ سان، فنائتي نموني ۾، نواڻ سان پيش ڪيو آهي- جيئن:

نفرت، ڪاوڙ ٻول ڪڙا ڇو،
ٻوهه جا آهن ٻارا ووا!

*

www.iqbalkalmati.blogspot.com



امن جي جيئري لاشتي تي ڏئي،
جنگ جي ڪوڪ ڪِجھہ لامارا.

هتي لفظ ”ڪوڪ ڪِجھہ“ شاعريءَ لاءِ نئون آهي، ۽ ڪيترن پڙهندڙن کي غير شاعراڻو لڳندو- پر ايليٽ ڪهڻ به لفظ کي شاعريءَ مان نيڪالي نٿو ڏئي- رڳو شاعر کي لفظ ڪتب آڻڻ جو ڍنگ هجي. ايازگل کي اهو ڏانءُ آهي. ”ڪوڪ ڪِجھہ“ نفرت پيدا ڪرڻ جو سٺو ذريعو آهي.

ايازگل وٽ نظم، غزل، آزاد نظم، ترائيل، دوها، بيت، ٽيڙو سڀ آهن، پر گهڻن نظمن ۽ آزاد نظمن ۾ روايتي انقلاب پسندي مٿس غالب اچي وئي آهي، ۽ ترائيان ۾ اڄڪلهہ جي مقبول ڌنن جو پڙاڏو ٿو ٻڌجي. اڳتي هلي ڪيس انهن ڳالهين کان مٿيرو ٿي سوچڻ گهرجي.

جديد سنڌي شاعريءَ، جتي ٻوليءَ ۽ ادب کي ڪي نيون ۽ سهڻيون ڳالهيون ڏنيون، اتي ڪي، عام پسند جون عادتون، پڻ پيدا ڪيائين. شمشير، امداد، انور پيرزادو، الطاف، نعيم ۽ ٻيا شاعر، انهيءَ ”عام پسند“ واري جادوءَ کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ويا آهن، ايازگل به انهن جو ساٿ ڏنو آهي ۽ اڏام جي شروعات ڪري چڪو آهي- اميد ته هو جيئن تمام تڪڙو وڌي رهيو آهي، ان ئي رفتار سان اڃا به اڳتي وڌندو رهندو. آخر شاعريءَ کي اڳتي وڌڻو ته آهي، پوءِ فارسي زده غزل جي روايت هجي، يا اڄوڪيءَ شاعريءَ جون ”عام پسند“ واريون روايتون، انهن کان اڳتي وڃڻو آهي.

تنوير عباسي-
سرمد جو گهر،
خيرپور سنڌ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

سوچون

سرها

گل

— اياز گل

www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# وائون

*

دلبر! دير سوير،
مائينداسين ماڪ ڪي!

ڪين پٺون ٿيا پند ۾، پٿر پنهنجا پير،
مائينداسين ماڪ ڪي!
ڏاڍي ڏاڍ چڙيو چڙهي، پيرن ڇٽيا پير،
مائينداسين ماڪ ڪي!
قسمت پنهنجيءَ راهه ۾، ٽيندي آهي ڪير؟
مائيندا سين ماڪ ڪي!
ڪين اسان جي هانءَ ٽوڪي، هارائڻ جي هير!
مائيندا سين ماڪ ڪي!

*

ناهي دير سويرن ۾
رات وڃي ٿي رڙهندي رڙهندي!
باک ڦٽي ٿي ڪات هٿي، يارو، ڳهگهه انڌيرن ۾!
رات وڃي ٿي رڙهندي رڙهندي!
ڪوڙ سموريءَ دنيا جو، هوندو پنهنجن پيرن ۾،
رات وڃي ٿي رڙهندي رڙهندي!
ماڻڪ، موتي، لعل، ڪنول، ڦاڙل ڪپڙن ميرن ۾،
رات وڃي ٿي رڙهندي رڙهندي!
چاڻ پرين! ڦڙڦوٽ پئي، تنهنجي غم جي گهيرن ۾.
رات وڃي ٿي رڙهندي رڙهندي!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

واهه وٽي ٿو گل،
وينگس وارن وچ ۾!
آڏريو پڪي پيار جو، تنهن ڏانهن ڏيئي ٻُل،
وينگس وارن وچ ۾!
ڇرڪي امنِ آڏامندو، ڪين ڪيو ڪو هُل،
وينگس وارن وچ ۾!
پيار سمورو سچ آ، ڪوڙ ٻيو آ، ڪُل،
وينگس وارن وچ ۾!
سمئي ٻڌجي سوچ! تون، راهون راهون رُل،
وينگس وارن وچ ۾!
ڏکن منهنجيءَ ڏات جا، گُهل گهڙي ڪن گُهل.
وينگس وارن وچ ۾!

*

گلن جيان چهرا،
ماڪَ ـ ڦُڙا ڇڻ موهيڙا ـ
نفرت ڏئي ٿي نينهن کي، گهاءُ گهٽا گهرا،
ماڪ ـ ڦڙا ڇڻ موهيڙا ـ
ڍنڍا، لهندا نيٺ هي، پيار ستان پهرا،
ماڪ ـ ڦڙا ڇڻ موهيڙا ـ
ديپل، هيسيل هانءُ ۾، آلڪا اڀرا.
ماڪ ـ ڦڙا ڇڻ موهيڙا ـ

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ● اسان انسان

اسان جي اندر ۾ تون سرچي وڃين پل،
اسان کي سچ پوءِ پي سمجهن نه سگهندين!

اسان پيار پريا مٺا گيت آهيون،
اسان مات آهيون، اسان جيت آهيون!

اسان ماڪ پنڙي ڪا پرڀات آهيون،
اسان پوهه پاري جي ڪا رات آهيون.

اسان ڌرتيءَ ۾ ٿڌي ڇانوَ آهيون،
اسان ٿي زهر سان ڀريل ٿانوَ آهيون.

اسان سُکّ جي ڪا سڌي وات آهيون،
اسان ڪرب ڀريا ڪي سرڀاٽ آهيون.

اسان ڪنهن جي دردن جو درمان آهيون،
اسان درد ڏيندڙ ڪي ڏنوان آهيون.

اسان موتي جي ته سرهاڻ آهيون،
اسان ذلتن جا به آهڃاڻ آهيون.

اسان پيار جا پڪسرا ڪوت آهيون،
اسان ٿي گناهن سندي اوت آهيون.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

اسان عزتن جا سهارا به آهيون،
اسان لڄ لوڙهڻ وارا به آهيون.

اسان ڪن جي روئڻ تي رڳندا به آهيون،
اسان خوش ڏسي ڪن کي جلندا به آهيون.

اسان ڪنهن لاءِ ڏاتار، ڀڳوان آهيون،
اسان ڪن جي نظرن ۾ شيطان آهيون.

اسان ڪن جي شعرن جا عنوان آهيون،
اسان قرب قاتل تڪا کان آهيون.

اسان پيار جي ڪٽ تہ پالوٽ آهيون،
اسان ڪن جي احساس تي چوٽ آهيون.

اسان ڪار، بنگلن جا سينگار آهيون،
اسان پيٽ بکيا ننگا پار آهيون.

اسان اتم سڀ کان تہ انسان آهيون،
اسان ڪريل وحشي ۽ حيوان آهيون.

اسان جي اندر ۾ تون سرچي وڃين پل،
اسان کي سڄڻ! پوءِ به سمجهي نہ سگهندين.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ● جيون

جيون ڪنهنجيءَ ياد جو نالو
جيون ڪڙيءَ دوا جو پيالو
جيون سُرُ، سڳنڌ، آجالو،
جيون اکڙين منجهه جهڙالو
جيون گل جئن ماڪ ۾ آلو
جيون جذبن تي ڪو تالو
جيون ڪوئي تهڪ نرالو
جيون چنڊ ڪو من پورالو
جيون تيز آڌام اپالو
جيون سستي، ڏک، ڏيوالو
جيون روشنين جو حوالو
جيون، غربت، بک جو پالو.

*

## ● شاعر

ديس جو شاعر غريب،
بک آ، جنهن جو نصيب،
سچ ست ۾ لڪي،
ذاڌ جي آڌو اڇي،
سور ۽ سختيون سهي،
پوءِ به ارڙو ۽ اٽل،
چنڊ تي ڪارونجهر جبل.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ● گيت

*

ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر او ڇوري!
ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر-
تنتي نـاهي رسي وچڻ تـي
پيار جي پختي ڏوري-
ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر!

قرب ڏئين نہ، قرب وٺين تي،
ڳالهہ ڪرين تي گهوري-
ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر!

ڪيڏو ڪيل ڇڏيندو ڊاهي،
رات بچي آ ٿوري-
ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر!

ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر او ڇوري!
ڇڏ ڇڏ ڇيڙ نہ ڪر.

واڪا واڪا
وڄ- وراڪا
منهنجا گيت آلا!
سُر سنگيت آلا!
سنڌڙي ساريو
هاڻ نہ هاريو
مات بہ جيت آلا
منهنجا گيت آلا!

ماڻهو سهڻا
هٺ- من- مهڻا
منهنجا ميت آلا!
منهنجا گيت آلا!
واڪا واڪا
وڄ- وراڪا
منهنجا گيت آلا!
سُر سنگيت آلا!.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

مينهوڳيءَ جي منڊ آ، من ۾،
مٺڙا، آڳ لڳائي!
ياد آ، تنهنجي آئي.

جيءَ ۾ جهيڻا ساز ڇڙيا هن،
خوشبو خوشبو گل ٽڙيا هن،
من من منڊ ملهائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

رات ٽيڻ ۾ پل کي ٽورا،
هينڊڙو مٺ ۾ هورا ڪورا،
تنهنجي ڪل نه ڪائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

رات ٽئي ٿي، چنڊ چڙهي ٿو،
گهرا گهرا گهاوَ گهڙي ٿو،
يادن ننڊ ڦٽائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

مينهوڳيءَ جي منڊ آ، من ۾،
مٺڙا، آڳ لڳائي،
ياد آ، تنهنجي آئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

آزاد نظم

# ● چاڻ سڃاڻ

دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو،
مون سان ڪيڏو پيار ڪيو ٿا!
ڏيُ ته ڏيو ٿا.... پر وَڏِ ڏئي
منهنجي خاطر
هٿ کڻو ٿا، دعا پنو ٿا
جيئڻ بدران روز مرڻ جي—
سڀ سمجهان ٿو!
سڀ سمجهان ٿو!!
ڌرتيءَ ۾ ليندا ناهيو
ڇانوَ ته ڏيو ٿا....پرسانجهيءَ جو
پنهنجو پيار ڏيکارڻ خاطر.
ڪبر ته ڏيو ٿا.... پر آڪ جو
دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو،
سڀ سمجهان ٿو،
مون سان ڪيڏو پيار ڪيو ٿا!!!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ● اڏامڻ جو سفر

پکيئڙا!
جڏهن آهين اڏرڻ سکيو
۽ اڏامڻ پيو
تڏهن ساهه پنهنجي جو سانگو نه ڪر
اهو آهه ممڪن ته ڪنهن پيءِ پهر
ڪنهن ظالم هٿن ۾ جهليل
ڪنهن غليلي ءَ منجهان ڪو غليلو اچي
اڏامڻ ۾ توکي لڳي،
وقت ڏيئي وجهي
(تڏهن تون ڪري ۽ مري به سگهين ٿو)
يا اٽڪاڻ، بيڏوهي ڦاسي پوين ٿو
ڪنهن ماريءَ جي چالاڪ چنبن اندر
۽ راتيون گذارين ڪي پڃري اندر-
جي گهبرائين، پڇتائين پيارا پکيئڙا!
”ته اڳيئي جيڪر اڏامان نه ها“
(ته ڪائر ۽ ڏوهي تون سڏبين، سڄي سات ۾)
اڏامڻ جو ڏاڍو اٽانگو سفر
ڪڏهن، ڪجهه پيئي ٿي تو سگهي، ڪنهن پهر
فضا ۾ اڏامڻ سکيو آن اگر
۽ پيارا پکيئڙا، اڏامين پيو
تڏهن ساهه پنهنجي جو سانگو نه ڪر!.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ⊙ توڏانهن....

مون کي آهن اکيون ڏسڻ لاءِ
چپ ڪڇڻ لاءِ.
ڪن ٻڌڻ لاءِ
هٿ لکڻ لاءِ.
تون ٿو چاهين، تنهنجو ويڙهو ڏاڍ ڏسان،
گهر گهر پنهنجو ٻاهه ڏسان،
چپ رهان ۽ ڪين ڪڇان.
”ديس سڄي تي ڌاڙا ڇو؟“
توکان ڪين سوال پڇان.
روح روح مان راڙ ٻڌان،
سانت سڪي سان چپ سبي،
اندر اندر ۾ پيو لڇان؛
پنهنجو قلم ٻيجي ڇڏيان،
ڪجھه بي ڪين لکان.
لکان بي جي، آءٌ تڏهن: تنهنجا گيت لکان
تنهنجيءَ ڪوڙيءَ شهرت جا ڪوڙين ڪوٽ اڏيان—
پر هي سڀڪجهه، مون کان ڪڏهين ٿيندو ڪونه
آءٌ سدائين لکندو رهندس
ڏسندو، ٻڌندو، چوندو رهندس.
آءٌ لکڻ لاءِ قلم جي ڪٽندس
تنهنجو ڪوڙ تڏهن ڦيرائي، تنهنجي منهن ۾ هڻندس
چاڪاڻ ته
مون کي آهن اکيون ڏسڻ لاءِ
چپ ڪڇڻ لاءِ
ڪن ٻڌڻ لاءِ
هٿ لکڻ لاءِ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ● آواز ڏي آواز

ماٺ ڪڏهن پي ٽٽي ناهي
ماٺ ڪرائڻ وارا!
تون جي مون تي
(ماٺ ڪرائڻ ڪارڻ)
سوڙن جو ڪو سٽڪو لائين
تنهن سان پي آواز ٿئي ٿو.
۽ جي ڏڪ لڳڻ تي ڪٽڪان
۽ جي ڪائي دانهن ڪيان ٿو
تنهن سان پي تي ماٺ ٽٽي.
۽ جي تو زنجير وجهين
سي پي ٿا جهنڪارون ڪن
ٻنڌُ - ماٺ جو ٿا ٽوڙن
سونهن، سڳند ۽ سچ جتي
جرڪيل جذبا جتي، اتي
ماٺ ڪرائڻ وارا!
ماٺ ڪڏهن پي ٽيٽي ناهي،
ماٺ ڪڏهن پي ٽيٽي ناهي!!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# غزل

*

رم جھم رنگ رچايا آھن،
ڪورا نينھن اُپايا آھن.

ھيل ٻه منھنجيءَ دل ۾ ايندا،
سُورن پور پچايا آھن.

ڪجھه ته تون ئي ھٿ ڏگھيڙ،
مون جي ھٿ وڌايا آھن.

منزل پوءِ به ساڳي آھي،
رستا جي بدلايا آھن.

آءٌ وڏو ماڻھو ڪونھيان ڪو،
تنھنجا خيال اجايا آھن.

سچ جي مندر ناريءَ ڍُھوري،
گھوٽ گھٽائي گھايا آھن.

ڇير ٻڌي جذبن جي مون ئي،
پنھنجا گيت نچايا آھن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

○

توسان نينهن نيارا ٿي پيا،
ڏينهن ته سرڪڻ وارا ٿي پيا.

چاهت اهڙو رنگ رچايو،
چهرا چنڊ، ستارا ٿي پيا.

تنهنجو من ئي منزل منهنجي،
اکڙيون اکڙيون چارا ٿي پيا.

توکي دوست ڪيوسي دلبرا
دشمن، دنيا وارا ٿي پيا.

ساڪيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو،
چاڪان ڏوهه ڪسارا ٿي پيا؟

يادون، سپنا، خط اوهان جا،
جيئڻ ڪاڻ سهارا ٿي پيا.

ڏوراهين ڪنهن ڏيهه، وڃن پيا،
خيال به هن وڻجارا ٿي پيا.

ڪن جون راتيون روشن هونديون،
پنهنجا ڏينهن به ڪارا ٿي پيا.

سرڪي مرڪي ڏک ڏسياهي
ٻانڊنڙ روئڻ هارا ٿي پيا.

جيڪي گل! ڌڪاريا دنيا،
سي ئي توکي پيارا ٿي پيا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

توکان پوءِ دل تي دلبر!
ايريا آيا ڇڙ ٽوھر.

جيئڻ تي سيڪاري، سائين!
راھ ۾ ڪاڏل ھر ٺوڪَر.

پنھنجي اکڙين منجھ لڪاءِ،
دنيا دشمن ٿي دلبر!

برساتين جو ٻَڪُ ويا ٿي،
ڪچيءَ مٽيءَ مان جوڙيل گھر.

ڳوڙ ۾ دونھين جا آھڃاڻ،
شھري ماڻھو، ھڙ شھر.

راھن تان راڪاس گھمي ويو،
ھيسيل ڇھرا، ٻوٽيل در.

ھر شيءِ ھيٺي ماڻھوءَ آڏو،
موت اچا ٻي ڏاڍو ٻَرا!

سنڌ سنوارڻ لاءِ ڪندس،
جيڪي پڄندو وَس- آھَر.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

ڪجهه وڇاڙن ڪان پوءِ لهڻ تائين،
جيئبو توسان پرين! ملڻ تائين.

سلسلو ياد جو ڏکو هڪڙو،
منهنجي مرڪڻ ڪان آ رڙڻ تائين.

ڪجهه مهينا ۽ سال وڇڙي رهڻ،
ڪنهن جي هٿڙن ڪان ڳل ڇهڻ تائين.

آءُ سپنن ۾ ڪي گهڙيون گهاريون،
ڏينهن ٿيڻ تائين، اک کلڻ تائين!

ڪيترا ٿابڙيا، ٿڙيا آهيون،
گهر جي در تي اچي، پهچڻ تائين!

ڪجهه ته پن - ڇڻ ۾ پن ڇڻندائي،
پر! بهارن جي رُت اچڻ تائين!

ڳُهگهه، اوندهه ڪڏهن نه ٽِڪي آ،
چنڊ چڙهي ايندو، سج لهڻ تائين.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

ماڻهو مٺڙا پيارا وو!
جيئن ڪي چنڊ، ستارا وو!

نينهن اسانجيءَ دل ۾ ڌرتيءَ تي،
پيري ڪيا وسڪارا وو!

وقت ڪري تو پڌرا پيارا!
ماڻهو اڇا، ڪارا وو!

جيون! مون کي پيڪي ڏي تون،
ٻڌڙي پل آڌارا وو!

نفرت، ڪاوڙ، ٻول ڪڙا ڇڻ،
پوءِ جا آهن پارا وو!

جي ڪنهن کي به پيارا ناهن،
ڪيڏا سي ويچارا وو!

سورج آهيان، منهنجي آڏو،
ڪيئن رهن اونداهيارا وو!

ڏورو ڏک ملڻي روئي پئين،
حيف ڏي هيڏا مارا وو!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

سچ ستان جي سڀ ڪجھ، پنھنجو واري ويندا آھن،
سي ٻي ماڻھو ڳاڙھن جھڙا ماڻھو ٿيندا آھن.

چاھيندي آ دل سگھن ۾ گھر تي وڃي پر،
ڏک ڏرتيءَ جا روئي روئي راھ جھلندا آھن.

ڪيترو ھوندو آھ، ڪلھن تي پنھنجي دوست! صليب،
سچ چوڻ تي وڏا وڏا الزام بہ ايندا آھن.

ساري جڳ جا سور سھيڙي، پنھنجيءَ جھوليءَ ۾،
شاعر ماڻھو گيت، غزل ۽ وايون ڏيندا آھن.

پاڻ تہ پل پيي پيارن کان پري نہ ٿي سگھنداسون،
خبر نہ آھي ماڻھو دلڙي ڪيئن پليندا آھن.

*

سدا توکي ساري، سدا توکي ساري،
پيو ٿو جيان ياد تنھنجيءَ سھاري.

ڏئي وَڏَ وري پاڻ ٿي ڏي ڏئي ٿي،
ائين زندگي پئي ٿي ماري جياري.

ڪي ڳالھيون مسئلا ۽ مجبوريون ھن،
ائين ٿو پلا ڪير ڪنھن کي وساري.

انھن کان نہ ڌرتيءَ جي ڪا ڳالھہ ٿيندي،
ڇڏي سوچ جن آھہ آپ تي اڌاري.

ھلو مرڪ مان سرڪ پرجي ھلي،
ڏسو ماڪ مرڪي پيو ٿو نھاري.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

ڏوڙي چاھت جا زنجير،
ماڻھو ڪيڏا ھن دلگير.

پٿر جھڙي دل وارن کان،
چاھت پاتا ھِن سَوَ ڇيرَ.

جھيرون جھيرون جذبن تي،
اڄ بہ وڃن ٿا تاڻيا تير.

گذريل گھڙيون ياد ڏياري،
البم ۾ تنھنجي تصوير.

ڪڏھن تہ ساري ھاريان ھوندءِ،
ناسي اکڙين مان ڪي نير.

تون بي ڪوئي سپنو آھين،
منھنجن سپنن جي تعبير!

روز ٿي آسون پوڙين، تارين،
منھنجي دل درياھ جي سير!

ڪيڏو جيءُ جھنجھوڙن ٿا،
تنھنجا گيت، غزل تنوير!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

گهنڊ ٽا دل جي گرجا جا وڄندا رهن،
ياد پيارا اچن، گيت رچندا رهن.

ساري جڳ جون برايون اسان ۾ پرين!
پاڻ ڏي هٿ دنيا جا ڪڇندا رهن.

منهنجي سوچن ۾ جذبن، خيالن جا گهر،
ياد تنهنجيءَ جي برڪا ۾ پڄندا رهن.

قرب قائم، ته قائم رهن دوستيون،
قرب جيئن جڻ ڏيئي، هانوَ ڇڄندا رهن.

ڳوٺ ۾ رات جي ڳُهڳهه پوئين پهر،
ڪيترا ماڻهو لڪندا ٽا ملندا رهن.

شهر تنهنجي مان اڏري ويو آ امن،
پنهنجي پاڇي ڪان ماڻهو ٽا ڀڄندا رهن.

سَڄ جي سِج جي تاوَ اڳيان سدا،
ڪوڙ جي برف جا ڪوٽ رجندا رهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

سنڌ آهي ڪنهن جو در تي، نڪو ڪڙڪو آهي،
هو مٿان ڪين اچي، دل ڪي هي ڏڙڪو آهي.
غزل اڄ رات پڙهين! واهه جو لکجي ويندو،
ذهن منهنجي تي سنڌ [ياد جو ڪڙڪو آهي.
ڪيڏو بيڪار ۽ بڪواس ذهن آ، جنهن ۾،
ڪا نئين ڳالهه نه آهي، نه نئي ٻڙڪو آهي.
سچ وارن جي هٿن ۾ ڪي ٻريل ديپ ڏسي،
شهر اوندهه جي ۾ ٽاڪوڙو ۽ ٽڙڪو آهي.
تو چيو: ”هاڻ ڪڏهن ڪينڪي مانديس توسان“
ڳل مري ٻوندو جي سچ ٻچ جو هي ڏڙڪو آهي.

*

هر گهڙي هڪ گهاءُ آ، ويٺا سهون،
نئين نموني روز ٿا ڏهندا رهون.
زندگي اي دوست! ائين گذري پئي،
جڻ پيا پوتار جي بيگر وهون.
ڀاڻ جڻ ڪاغذ مٿان بيڪار ناڻا،
وقت جي هٿ سان ڏسيو پيا ٿا ڊهون!
جنهن ۾ پنهنجي سوچ ٽي سوليءَ چڙهي،
حالتن اهڙين سان آخر ڪيئن نهون؟
بس اهائي آس ٽي جيئرو رکي،
مُن وچايل وات ڪي گهولي لهون!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

توڻ جي آئين، آس اگهاڻي،
جلي پئي جا لاٽ آجهاڻي،

منهنجي ياد ائين رهندي جڳ،
ذهن تي ڪا لوڪ ـ ڪهاڻي!

ڪپ تي بيٺل ماڳ نه ٻهتا،
لڙهندي سهڻيءَ منزل ماڻي.

سوچ نئينءَ ڪڻ ڏار ڪلا اڻن
ڏپ ڪيل، جڻن بيٺل پاڻي.

ڏوڪڙ بدلي ذات وڪياڻون،
هڻ اڻچاڻن چائي چاڻي!

شاعر لاءِ ته شعر ائين چڳ،
ادڙو، ادڙي، نينگر نياڻي.

مرڪن ۾ بدلايو مڙا،
هيءَ حياتي ڳوڙهن ـ هاڻي!

جيون ۾ ڪو جيون ناهي،
پوءِ به جيون تا چاڻي واڻي.

روز ڻڙون تا ڻهڪ ڏئي اڄ،
رڳندا هاسي، ڳالهه پراڻي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

شال جڳمڳ رهن تون ستارن جيان،
مون سان ملي ڪينڪي جڳ وارن جيان!

دل کي دردن جوئي کو سهارو ڏيو،
ڪيسين پٿڪون پيا بي سهارن جيان.

دل ٻڌل شهر ٻڌجي وئي آهي يار،
ٻن ـ چئن ۾ لٽيل چمن نظارن جيان.

ويجها هوندي به ڇو دور ٿي آهيون،
ريل جي بند جيان، ٻن ڪنارن جيان.

راهه ۾ دوست ڪوئي گڏيو هو مگر،
سو به گذري ويو هو بهارن جيان.

ذڪر وڇڙڻ جو جنهن وقت آيو هيو،
روئي هن، مون ڏنو ته هو ٻارن جيان!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

کاري ڏونهين ۾ ٿي ويا ڪارا،
اُجرا اُجرا، سچا سندر جذبا.

من تن جا آماس جون راتيون،
ريشمي ويس جن جا، چنڊ - چهرا.

روئڻو پوندو پوءِ اوڇنگارون ڏئي،
ڏينهن ڏٺي جو ڏسو نہ ڙي! سپنا.

آمن جي جيئري لاش تي ٿي ڏي،
جنگ جي ڪوڪ گجهہ لامارا.

پيٽ سان پهڻ ٿا ٻڌن ماڻهو،
عيش بنگلان ۾ ڪن پيا ڪتا!

ظلم جي تتل ڇانوَ جي هيٺان،
ڪيئن مسافر اچي ڪي ٿڪ ڀڄندا؟

ٻيڻ ناهن او سونهن وارا سنڌ!
منهنجي مهراڻ ـــ سن ڪان گهرا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

پيار ڏي ٻيار ٿو گهرڻ چاهيان،
توسان گڏ ٿو جيئڻ، مرڻ چاهيان.

تنهنجو نالو وٺڻ ڀانو آ،
پاڻ کي ياد ٿو ڪرڻ چاهيان.

هر خوشي توکي ڏئي زماني جي،
توکان هر درد ٿو ڦرڻ چاهيان.

آءٌ يادن جو ديپ آهيان پرين!
تنهنجي دل ۾ ٻيو ٻرڻ چاهيان.

منهنجي منزل اڳي، گهٽي اڳتي،
وقت آهيان، نئو ورڻ چاهيان.

سچ جي سچ جهڙي ٻيرن ۾،
ڪوڙ دنيا جو ٿو ترڻ چاهيان.

*

پيڙا، ڀور ۽ سور سهيڙي،
ڇا ڇا آيس موتي ميڙي.

پيارَ جو ٻج ڇٽي دل- ڌرتي،
هيرن جهڙو هاري ڪيڙي.

وقت وڏي مرهم آهي، پر
ياد ڇڏي ٿي ڦٽ اُکيڙي.

شال مان سچ ٿيان جيڪو ٿو،
لهندي ٻيي ڳاڙهاڻ پکيڙي.

جڳ ٻيو ٻوھ جهومي، جنهن تي،
ساز ڪو اهڙو وڄيو ڇيڙي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

اوھان سان جڏھن کان اسان پريت لاتي،
رھي دل رڳو تي، اوھان لاءِ آتي.
اوھان پي پين جان بـرو چؤ اسان کي!
اوھان پيي اسان جي حقيقت نہ چاتي!
وفائن کي ويئا جفائون سڏيو تا،
اوھان سڪ ڪڏھين نہ ڪائي سڃاتي.
گھرن جا سيئي در پيا بند آھن،
اسان لاءِ ڪڏھن ڪين پائي ڪو جھاتي.
مرڻ کو مسئلو نہ آھي او سھڻا!
وڏي ڳالھہ آھي گذارڻ حياتي.
ڏکن ۽ بکن جي ذڪر کان سوا جنھن،
لکيو ليڪ، ليڪ آ، چـڱ ڏوڙ پاتي.

*

بادل پرجي برسي ويندا،
شايد پوءِ وڻجارا ايندا!
لُڙڪ مٽيءَ ۾ ملندا منھنجا،
ڪير انھن لاءِ پاند جھليندا؟
ساھان وڏ سي ساھہ - سھارا،
پري رھي ڪيئن پاڻ پليندا؟
ھڪ اڌ ناھي، سوين، ھزارين،
درد اسان جا ڪير ڳڻيندا؟
گل! پلي تون ڳالھہ لڪاءِ،
شعر سمورا سُور سليندا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# دوھا

*

منھنجا پيلا گل ڏسي، مون کي تون مايوس نہ چاڻ،
آهي بسنت رُت اچڻ جو، پيار رنگ اڄاڻ.

ونهنجي مذهب، رنگ، نسل کي گھڻيہ ۾ رک ٻڌي،
باقي مون جيان پيار جي چاهين، مون ڏي آءُ وڌي!

اونداهين جو سينو ڦاڙي، جڏهن ڦٽي کا باک،
اک نہ کائي آلي رهندي، سنڌڙي! تنھنجي ساک.

سچ سمائي جڏهن اسان جا، گونجيا گهر گهر گيت،
تڏهن اسان جي جيت آ سائين، تڏهن اسان جي جيت!

ديپ جلي جئن اونداهارن کي روشنيون بخشيندو آ،
شاعر پي تئن جيءَ جلائي، گيت گلابي ڏيندو آ.

*

جوين تنهنجو ايئن پرين! جيئن موجن ۾ مهراڻ،
پر ۾ وينڌن پيدا ٿي پئي، ساهن ۾ سرهاڻ.

ڦڪي ڦڪي جيون ۾ چاهت پري چڙهي ٿي رنگ،
هوندئن تہ حياتيءَ جو هر پل آ ڪاريهر جو ڏنگ.

پيچ اوهان جي پيار سان پائي، پيار اسان جو ڪڏهن پيو،
وڻ ۾ پينگهہ وجهي جئن ڪوئي، ننڍڙو ٻالڪ لڏي پيو.

رنگ برنگي دنيا جاني! مُرڪي مُرڪي ماڻ،
تنھنجي دم سان دنيا آهي، تون آن دنيا ڪاڻ.

سپ جي سيني منجھہ اچي جئن، موتي ٻڻجي بوند،
منھنجيءَ دل ۾ اچين تہ تون پڻ، موتي ٿي پئين هوند!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ڊرائيبل

*

چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!
مَن ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيت ٻڌڻ جي لاءِ؛
گونڊر ـ گهايل ڊرتيءَ ڪان منهن ائين نہ موڙيو يار!
چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!

تارڻ بدران ٻيڙي هٿن سان ڇو ٿا ٻوڙيو يار!
سور رهيو آ، ڪهڙو باقي، هاڻ سهڻ جي لاءِ.
چُپ چپن تان سانت سڳي جا ٽاڪا ٽوڙيو يار!
مَن ڪيڏو نہ لُڇي ڦٿڪي ٿو، گيت ٻڌڻ جي لاءِ!

*

وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي،
جيئڻ جا پيا ٻي گهڻا ڍنگ آهن.
پلا ڪير ٿو چئي، پڪاريو اسان کي؟
وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي.

پلي جي دلين مان ڌڪاريو اسان کي،
اُميدن جا چهرا، نہ بي رنگ آهن.
وساريو، وساريو، نہ ساريو اسان کي،
جيئڻ جا پيا ٻي گهڻا ڍنگ آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

هي ٻڌل شهر ڏسي، هاڻ نہ هاريو يارو!
ڇو تہ ٿو جڳ نئون پيو ڪوئي جوڙي سگهجي.
جوش ۽ آڌ مٺي جذبي کي جياريو يارو!
هي ٻڌل شهر ڏسي هاڻ نہ هاريو يارو!

ذهن جي قيد مان، سوچن کي آڏاريو يارو!
مات روئي يا ٿهڪ ڏئي پيي ٿي ٽوڙي سگهجي.
هي ٻڌل شهر ڏسي، هاڻ نہ هاريو يارو!
ڇو تہ ٿو جڳ نئون پيو ڪوئي جوڙي سگهجي.

*

سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو،
مان نندي ٻار جيان روئي پوندس.
منهنجو ننڍڙو هي مٺا! عرض مڃو،
سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو!

ٻاڻ ڪان ڏار ڪري دل نہ ڀڃو،
درد مان داٻهن ڪري روئي پوندس،
سڀ اڪيلو تہ ڇڏي ڪين وڃو،
مان نندي ٻار جيان روئي پوندس.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ❁ ڏيڙو

* آئون ۽ سڄڻ،
هڪڙو ماڻهو، ڏلا ٻه،
پيوند ڪيل وڻ.

* مليو تنهنجو خط،
پڙهي هانءُ ڏري پيو،
لکيل ”تنهنجي فقط“.

* ”وارو ڙي وارو!“
ڪُوڪون ڪچي وارن جون،
بند ۾ پيو گهارو.

* ٽرئفڪ جو درياهه،
وڏي شهر ۾ ٻوٽائي جو،
مُٺ ۾ آهي ساهه.

* ماني اڄ مکيل،
ٻسي ٻورعيت جي پُٽ جا،
ڇڪيا هيڊا ڳِل.

* سانت اونداهي رات،
ريڊيي تان آواز ”لتا“ جو
ٽوڙي چُپ چپات.

* پنجون مهينو پيٽ،
لڪي لڪي لوڪان،
چوري کائي ميٽ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ● بيت

جيءَ اسان جا جڪڙيل، جيئڻ مرڻ گڏ،
سڄڻ منهنجو سڏ، آءَ پڙاڏو آن جو.

تو در ڪيئن اچڻ جي، هينئڙي وجهان هير،
منهنجا ميرا پير، اگڻ تنهنجو آجرو.

نئون ڪو عاشق پيار کي، لڪائي ٿو جيئن،
اسان تو کي تيئن، سوگهو ڪيو ساهه ۾.

آءَ پرينءَ جي وارن سان، گسي ڏکن، گهٽل!
نئون ٿئي ڪو هل، هيل وري هيڪار جو.

هلي پرين هيج مان، جيءَ جيءَ وڃن جهانجهه،
سانوري جئن سانجهه، موهي وجهي من کي.

جانيءَ جڏهن ڪان هنيو، خيالن کي ڪاٽ،
تڏهن ڪان گهر گهات، سُڄ لڳي ٿو سرتيون!

ندوريءَ سان نينهن، لائي لڏي وئين هليو،
توريءَ ڏنگن روح کي، ڏينيوءَ وانگي ڏينهن،
ملڻ سندا مينهن، وسئي ڪيئي ورهيه ٿيا.

ڪوڪو ماڻهو موتئو، ڪنهن ڪنهن ۾ هيڪار،
هونئن ته ڪرين چار، ماڻهوءَ ماڻهوءَ منٿي.

پون پارا پوهه جا، مارو ٿا ٺرڪن،
پڙڪيو ٿا پڙڪن، جذبا منهنجي جيءَ جا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

سوچون

سرھا

گل

— تاج جويو

سوڄ جا گُل ٽڙيا، سُونهن جو سِج ڦٽو،
روشني، روشني، رات ڏيٺي نه آ!

www.iqbalkalmati.blogspot.com



باقي مون پنهنجي واڌ-رايس تي ڪافي من - پسند آواز جهٽيا. تاج جويو انهن من-پسند آوازن مان هو، جنهن جو پيڇو مون شروع کان ڪيو، ۽ پوء جلدئي ساڻس ملاقات به ٿي وئي. انهيءَ ڪري ڏاڍي خوشي ٿي اٿم، جو اڄ سندس ڪلام جو مجموعو ڇپجي رهيو آهي، ۽ آءٌ سندس باري ۾ به اکر لکي رهيو آهيان.

............

منهنجي خيال ۾، شاعريءَ کي شاعر کان الڳ رکي نه سوچجي. ساڳئي وقت، ضروري ڪونهي ته شاعر جنهن ماحول جي پيدائش هجي، تنهن ماحول جوئي فقط اثر يا عڪس سندس شاعريءَ ۾ هجي. شاعر جو پنهنجو ذهني ماحول به ٿيندو آهي، جيڪو هميشه سندس ٻاهرئين ماحول کان مختلف ۽ اڳيرو هوندو آهي. سچ پچ ته اهو ئي مخصوص ذهني ماحول شاعر جي شاعريءَ جو مقصد به متعين ڪندو آهي، ۽ سندس ادبي درجو به. اتي ئي ڪنهن شاعر جي پسند ڪيل موضوعن ۽ استعمال ڪيل لفظن جو مسئلو به سامهون اچي ٿو.

تاج جويي جي ذهني ماحول واري دنيا اها ئي آهي، جيڪا شاهه لطيف جي ”ملير“ واري دنيا آهي. اها هڪ تصوراتي دنيا آهي، جيڪا شاعر کي سندس ڌرتيءَ تي مستقبل جا منظر ڏيکاري ٿي. امن ۽ آسودگيءَ جي آرزوئن سان گڏ عملي جدوجهد جي ترغيب ۽ تلقين جا مخاطب سندس پنهنجي زماني جا ماڻهو آهن. هن وقت جيڪي ڪجهه موجود آهي، يا وجود ۾ اچي رهيو آهي، تنهن تي ڪيس بي اطميناني ۽ برهمي آهي، پر ان جي ابتدا گذريل زمانن کان ٿي آهي. ان ريت، شاعر جي ذهني ماحول واريءَ دنيا ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جو هڪ سڏو سلسلو موجود آهي. اها ڳالهه فقط تاج لاءِ مخصوص ڪانهي، هر ڪنهن انهيءَ سنڌي شاعر سان لاڳو آهي، جنهن جي تصور ۾ ”ملير“ جي جنت آباد آهي. تاج نئينءَ ٽهيءَ جي انهن شاعرن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



۾ گهڻو اهم آهي، جيڪي ماڻيءَ جي بي انصافين تي برهم آهن، جن کي حال جي حالتن تي بي اطميناني آهي، ۽ جن وٽ مستقل لاءِ جدوجهد جو پيغام آهي.

گذريل ڏهن-ٻارهن سالن دوران اسان وٽ خاص ڪري اهڙي شاعري پيدا ٿي آهي، جيڪا حالتن جي ترت ردعمل جو نتيجو آهي. تنهن کان ڏهه-ٻارهن سال اڳ واري دور ۾ به اهڙي ٿي قسم جي شاعري ڪئي وئي آهي. ٻنهي دورن جي شاعري "نظريه ضرورت" هيٺ ڪئي وئي آهي. ٻنهي دورن جي شاعري وقتي حالتن جي خلاف جوابي ڪارروائيءَ طور ڪئي وئي آهي، پر تنهن هوندي به ٻنهي ۾ واضح فرق آهي: اهو فرق آهي ثقافتي سونهن جو، جيڪا پوئين دور ۾ ڪٿي گهٽ ته ڪٿي آهي ئي ڪانه. انهيءَ ڪميءَ جي ڪري، شاعري هوريان هوريان خالص پروپيگنڊا جي درجي تائين پهچي ويندي آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ جذباتي ۽ فڪري اثر وڃائي ويهندي آهي. ان لاءِ آءٌ وري به شاهه صاحب جي "مليرُ" جو مثال ڏيندس، جنهن ۾ ثقافتي سونهن پنهنجي انتهائي شان مان سمايل آهي. مٿي ذڪر ڪيل پهرئين دور ۾ ب. اياز، تنوير، نياز توڙي ٻين جي شاعريءَ ۾ اها خوبي نمايان آهي.

انهيءَ سلسلي ۾، جيتريقدر تاج جويي جي شاعريءَ جو تعلق آهي، منهنجو پنهنجو خيال آهي ته سندس هي مجموعو انهيءَ ٻوائي جو نشان آهي، جتي نه خالص پروپيگنڊا آهي ۽ نه وري ثقافتي سونهن جو ڀرپور پس منظر ظاهر آهي. ته اهو اعتدال، پسنديءَ جوڳو ڪونهي، پر تاج اڪثر هنڌن تي پنهنجيءَ وچ-وراڪا سوچ جو اهڙو ڏيکاءُ ڏنو آهي، جيڪو تمام چرڪائيندڙ آهي:

* ريڻو رت آڏيءَ تي، پرهه ڦٽڻ جا پارا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com



* تنهنجي وارن کي چانديءَ جو پاڻي وقت ڏنو،
اڌ صديءَ جا او آئينا ڇـا ڇا تو نہ ڏٺو.

* ويريءَ جي اک ميري،
ڌرتـي روز ڌمـاڪـا.

* آبتي ڳـالهہ نہ مڃبي،
ايـڪا، پـوءِ ڌمـاڪا.

* موتين مالهائون،
ڳوڙها ڳوڙها ڳل تي،
اندلٺ ريکائون:
هنج لٽا ڇڻ ٿل تي،
آجري آجري جل تي.

”تاج“ داخلي نوعيت جي شاعري اڻهوند جـي برابر ڪئي آهي. ونس نغمگيءَ جي اهـا ڪوت آهي، جيڪا سندس گروهہ جي سيني شاعرن وٽ آهي. اهو دراصل موضوع ۽ لفظن جي چونڊ ۽ استعمال جو مسئلو بہ آهي. نوان مسئلا، نوان لفظ ۽ لفظن جا نوان مفهوم گهرن ٿا.

اهو هن دور جي سيني شاعرن جو مسئلو آهـي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا مهارت گهربي، سا وقت جـي ڳالهہ آهي. تاج فقط ڏهاڪو سالن اندر جنهن تيزيءَ سان اپريو ۽ مقبول ٿيو آهي، سا پنهنجي سر سندس شاعريءَ تي ساکي آهي. مون کي يقين آهي تہ سندس ٻيو مجموعو تمام خوبصورت ٿيندو، جنهن جو اندازو سندس بنهہ ويجهڙائيءَ وارين تخليقن مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هو ڌرتيءَ جي مسئلن کي انهن جي ثقافتي سونهن جي پس منظر ۾ پيش ڪرڻ لڳو آهي:

www.iqbalkalmati.blogspot.com



* جوڙ جا ڪانا ٿا جهومن،
هاريءَ جا جذبا ٿا جهومن.
سنگ سنگ ۾ ست سمايل، پورهيت جو آ رت سمايل،
هور وهيون پيها ٿا جهومن،
ڪانڀاڙي، گهوڙها ٿا جهومن.

........

* پيهي تي پٺي هڪليان جهار!
جڳ سڄو جوانيءَ جو ويري، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي اک ميري،
جوين تان پٺي ٽڙيان جهار....

لفظن جي چونڊ، انهن جو مفهوم ۽ ترنم، تاج وٽ هاڻي سڀڪجهه موجود تي وڌو آهي.

اچو ته سندس شاعريءَ جو خلاصو هڪڳاڻ وٺون، ۽ نئين ٿهيءَ کي سلام ڪريون:

* نئين نسل جون تحريرون،
ڪنوڻيون، ڪنوڻيون، ڪچڪا ڪيل!

* نئين نسل جي سوچ سڳهاري،
سون - سريڪا سپنا سچڙا!!

* جتي سونهن ۽ سچ جو ماڳ آ،
اتي ”تاج“ تڪيا هلي ناهڄن.

* اوندهه جي ڪاريءَ چاتيءَ ۾، ڪلهه ڪنهن ته آمازي ڪوڙي هئي!
اڄ پرهه-پريءَ جي پيشانيءَ تي، ڏس ته ڪڏي پيو سج ڪني!

* ذات جي ڏيهه ۾ رات ٽيٽي نه آ،
گيت سنگيت جي مات ٽيٽي نه آ.

شمشير الحيدري
ڪراچي سنڌ.
١٠-١٢-١٩٧٨ع

www.iqbalkalmati.blogspot.com

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ۞ ٻيت

*

آزاديءَ جي آس ريءَ، جي کو کڄي ساهه،
اهڙو شال گناهه، ٿئي نه امان جيءَ ادّ ڪان!

آزاديءَ جي آس ريءَ، جيئڻ جُهڙو ڇاڻ!
سچ جو مک سڄاڻ، وڙهي جنگ وجود جي!

سچ سڃاڻڻ سوبِ آ، هر جي سچ پسڻ،
اُيري شال اچڻ، آزاديءَ جي اُپ تي!

سچائي جي سونهن، قيدن ڪارائي ڪڏهن؟
ورهه نه آهه ورونهن، سودو آهي سچ جو!

*

اڄ به سوچ صليب تي، اڄ به سوگهو سچ،
ڪانئر آڇي ڪچ، اينڊڙ وينڊڙ کي پيو!

اڄ به سوچڻ ڏوهه، ڪانئر جي قانون ۾،
آزاديءَ جو موهه، پوءِ به پنهنجي من ۾!

اڄ به قيدي ڪوٽ ۾، سنگهارن جو ساهه،
چانڊوڪي ۽ چاهه، پوءِ به وسن بند ۾.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# ● واڍوڻ

*

گهوڙهن ڀنڙا ڳتل،
آئي اڄ آتل: نيڻن جي درياهہ ۾!
ڪنهن جيءَ سار سريئر جا،
ڪومايا ڪنول:
نيڻن جي درياهہ ۾!
سونهن نگر جي سير لءِ،
ڪاڏي ساهہ آتل:
نيڻن جي درياهہ ۾!
هي چانڊوڪيون چيٽ جون،
ڇڪيا چاڪ چنچل:
نيڻن جي درياهہ ۾!

*

بسنت - هيرون،
جذبا جهيرون! ڀها پرت جا ڪير رکي؟
ڀها پرت جا ڪير رکي!

ساهہ اسان جو، چاهہ اسان جو، چيرون چيرون!
ڀها پرت جا ڪير رکي!

چانڊوڪيءَ ۾ سونيون ڪٽڪون، آس اڪيرون!
ڀها پرت جا ڪير رکي!

شاعر، سپنا لوڙي سرجيون، بيت بهيرون!
ڀها پرت جا ڪير رکي!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

اوجل جتي سمان، سپنو منهنجي سوچ جو!
جنهن ۾ جيئڻ جوت آ، آزاديءَ ايمان:
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!
مارڪ ۾ وڙهندي مران، منهنجو موت مهان!
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!
آزاديءَ جي آس ريءَ، مور نه مان انسان!
سپنو منهنجيءَ سوچ جو!

*

سورهيت پڳهر- واسڻان، منهنجا گيت - گلاب!
سارو لوڪ سڳنڌئو!

آهه صحيفو سونهن جو، ماڻهوءَ مڪ- ڪتاب!
سارو لوڪ سڳنڌئو!

انسانيت جي عشق جو، نيارو آهه نصاب!
سارو لوڪ سڳنڌئو!

ڌرتيءَ- مينڌ- سنوار ريءَ، ساريون سوچون خواب!
سارو لوڪ سڳنڌئو!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

جيسين جڳ جو ناڻءُ آ، رهندي ڏات امر:
گهوريو، پوريو، جندڙو!
سدا جهرڻو سونهن جو، سُڪو ناهه سچر:
گهوريو، پوريو، جندڙو!
آمر پورو پينڊ آ، پورهيت آهه پتر:
گهوريو، پوريو جندڙو!
جئوءِ ـ جياپو جا ڏسي، سائي سوچ سپر:
گهوريو، پوريو جندڙو!
پيٽ۔ ڏٽيءَ جو ناڻءُ آ، اڄ بہ چانو- چپر:
گهوريو، پوريو جندڙو!
پرهہ- ڦٽيءَ ڦولار ۾، ڳهليو واءُ آتر:
گهوريو، پوريو جندڙو!

*

ڪاري ڪاري رات، الو ميان،
جرڪي پئي جذبات!
دونهان دونهان سوچ اوهان جي، ڏياٽي منهنجي ڏات!
الو ميان! جرڪي پئي جذبات.
ڪاتن سامهون ڏات نہ وڪبي، شاعر نـاهـي ذات.
الو ميان! جرڪي پئي جذبات.
من جون مکڙيون، ٽڙيون، ڪـڙيون، ناهہ فڪر جي مات.
الو ميان! جرڪي پئي جذبات.
ريٽي رت جون چانئون، لائون، چيهون چيهون چات!
الو ميان! جرڪي پئي جذبات.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

آيا آيا يار، سڏ سڄاڻي دار جو!
ڪيري آيون جي وڻهي، مکڙا ڦول ڦلار؛
آيا آيا يار!
ظاهر گل گلاب جا، جهيڙي ۾ جهونجهار،
آيا آيا يار!
مُرڪون مقتل سامهون، ڪانڌ لاهه ڪتار!
آيا آيا يار!
ريٿو رت آڏيءَ تي، پرهه ڦٽڻ جا پار!
آيا آيا يار!

*

سوچون ڪاٺيون، ڪين وساٺيون،
جذبا چار نه ٿيا،
ٻرڪي، ٻڙڪي پيا!
ڪوڙ ڪٺڪ ۽ ڪوڪ ڪوڙڪ، سوگهاماهه نه ٿيا!
جذبا چار نه ٿيا!
اونده چانئي شهر سڄي تي، ٻريا ڏاتڻ ڏيا!
جذبا چار نه ٿيا!
چنڊ ڪڙيو من ڦلوارڙيءَ تي، پاڻي روز ليا!
جذبا چار نه ٿيا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

باک- مهلَ،
وڻ وهنتلَ: آپريون سوڻون سوچ جون!
اکيون اوجاڳي ڀڪيون، ڳل پنل!
آپريون سوڻون سوچ جون!
تالا، پيالا، ڪوڙڪيون، ساهه- آچلَ!
آپريون سوڻون سوچ جون!
آهون، دانهون بند ۾، پوءِ به آتل!
آپريون سُوڻون سوچ جون!
پوتيءَ پوتيءَ پاند ۾، آس سٿل!
آپريون سُوڻون سوچ جون!

*

گهگهه راتين ۾ گيت اسان جا،
چوڏس چانداڻا،
- ڏم ڏم ڏانداڻا!
چڻنگون چڻنگون چپ اسان جي، مُرڪون ماڻداڻا!
- ڏم ڏم ڏانداڻا!
ٻول اسان جا، قول اسان جا، پاڻءَ نہ پاراڻا!
- ڏم ڏم ڏانداڻا!
لاڏون لاڏون، جذبا جوالا، سرجي ساماڻا!
- ڏم ڏم ڏانداڻا!
جڳ سڄي جي سوييا سوڀيا، هٿ- مٿيءَ هاڻا!
- ڏم ڏم ڏانداڻا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## دوھا

ڏيٺا ٻريا، تارا ٻريا، ٻريا منھنجا نيڻ،
ڪڏھين ورندا اڱڻ ولھيءَ جي، ھو وڻجارا سيڻ!

رات ٻه ٿيندي، ماڪ ٻه پوندي، ڏات ٻه ايندي ٻوڙ،
احساس جا ڏنب ڪويءَ کي، ڏيئي ويندي ڪوڙ.

جڳ گذريا ٿئي دک ني ويٺي، ڪنھن جي لاه مڙھا؟
روئين ٿو تون ڇا له، توسان ڪھڙا ويل آڙھا؟

تنھنجي وارن کي چانديءَ جو ٻاٽي وقت ڏنو،
اڏ صديءَ جا او آئينا، ڇا ڌو نه ڏٺو!

قوم اسانجيءَ وت ڏاڍي آ، مٿلن جي مچتا،
قوم اسانجي ٽوڙيندي آ، جيٺرن سان رشتا!

پورب- سر تي ڪاڪھ، پکيئڙا، ٻڙيا ويا ھٿا جام،
چار وڇاڻا اڄ منجھر تي، مارو ٿيندو عام.

سينو تاڻي جو ٻه آڏاٺو، جنھن ٻه پکيڙيا پک،
ڪشي ڪماڻون ان تي ماري، سينگ سڄيندا لک.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

بيقدرن جي بستيءَ ۾، ڪاله آيو وڻجارو،
ڪنهن به ڏنو پاپوهه نه ان کي، موتيو ڏکيارو.

سچ جا موتي ساڻيهين وٽ، جهول ڀري آيو،
پارس جي ڪنهن پرک نه ورتي، هر ڪنهن ٺڪرايو.

سچ جا ويري، ڪچ جا ڪوڏيا، هن نگريءَ ۾ ڪوڙ،
ٻڪ ڀيا سوريءَ جو سورهيه، ڪانئر مُڪتي موڙ.

ٻُريل جي چنبي ۾ ڏوري، نينگر ڊير ڏني،
پوري سمجهي ويٺي ”ڦڙڪي“ آهي آزادي!

*

جذبا منهنجا چانيي جا گل، ڦولاريل سرنهون،
ساين ڪٺڪن جهڙيون سوچون، سياري ۾ نه سڙيون!

سياري ساڙيا پن وڻن جا، پيار پلي نه سکهيو،
ڪيت سنهرا، سرسر، سرسر، ساهن جو سهڪو!

چيٽي چنڊ چرين جي چاهت، تو ته ڏني هوندي،
ساهن جي سرهاڻ هوا ۾، ماٺ مٺي هوندي!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# گيت

سَرنهن ڦلاري، آهُ پياري!
ليٽو پاڻي، مَن جهومائي،
وچ تون هيڪر!
آپ مان سارا چنڊ ستارا، تو لاءِ واٽ سجائي ويٺس،
تنهنجا پير چمڻ لاءِ پنهنجا، وک وک گيت وڇائي ويٺس،
هيءَ ڏکاري، دل پرياڻي؛
وچ تون هيڪر،
ليٽو پاڻي مَن جهومائي!
تون جي ناهين، ڪاريون راتيون، ڪاريهر جان ڦڻ ڪڍن ٿيون،
پل پل ياد جون تکيون ڪاتيون، مَن جي مکڙي پيرا ڪن ٿيون،
جندڙي ساري، گهائي گهائي،
وچ تون هيڪر،
ليٽو پاڻي، مَن جهومائي!
ٿمڪي ٿمڪي ڏات جا ڏيئا، تو بن ويندا جوت جهڪائي،
مَن - مندر ۾ پاڻي ليٽا، جيءُ جياري، وچ گرمائي،
مَن بکياري، بکيا پاڻي-
وچ تون هيڪر،
ليٽو پاڻي مَن جهومائي!

............

سرنهن ڦلاري، آهُ پياري!
وچ تون هيڪر،
ليٽو پاڻي، مَن جهومائي!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!
جڳ سڄو جوانيءَ جو ويري، ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي اک ميري،
جوين تان ڀِٽي تڙيان جهار!
پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!

وهي لٽن مان ليڙا پائي، تنهنجون واٽون ڀِٽي واجهائي،
انگ انگ ۾ چڻنگ وڃن ٿا، جوڀن- ول جا ڦول ڪڙن ٿا؛
سُرهي سُرهي رُت ته سارِ!
پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!

ڪانهن ۾ نسريا واھ ڪناري، ڪانوَ ٻه آيا آل آٿاري،
پوکن ۾ پيا پيها پيها، نيڻ ڏين پيا سڪ- سنيها،
آءُ پرين! ڪر اکڙيون چار!
پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!

ڀنڀرڪي جو ڪانياٺيءَ سان، گهر مان نيراني ٿي نڪران،
سڄ- اوڀارو هيٺ سڏ ٿي رُٺي، منهنجي آس آکيرَ سڏ ٿي ٽٽي؛
جڳ ڪان اڪ ۾ مُنهن ڏيکار!
پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!

ٿاڪ- ٻيهرو، ڪاٺيون ڪوڙي، ٻوٽي وڏڙهي، گوندو جوڙي،
چانو ڪريان ٿي، چانو ٻٽي اڄ، چڏ رسامون، هاڻ ڪٽي اڄ!
نيڻ ته ڪڻ، مون ڏي ته نهار!
پيهي تي ڀِٽي هڪليان جهار!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

جوڙر جا ڪانا ٿا جهومن،
هاريءَ جا جذبا ٿا جهومن!

سنگ سنگ ۾ سنت سمايل، پورهيت جو آ رت سمايل،
’هور.... وهيو‘ پيها ٿا جهومن،
ڪانياٽي، ڳوڙها ٿا جهومن!

پوک پکيءَ جو پڻ پڻ ساڻو، شل نہ تڪي تاڪو ڪارائو،
پنيءَ پنيءَ ۾ آس سمل آ، ڳنيءَ ڳنيءَ ۾ ساهہ پيل آ؛
اڇا اڇا پتڪا ٿا جهومن،
چٽيون چٽيون ڪپڙا ٿا جهومن!

ڪيرا سنگ، وڻيءَ جون آسون، ”چاڻ سياڻ نوان آن“ ڪاسون“،
”ڪرڻو آهي ڪاج ٻچي جو“، ڪڙميءَ جو مَن سوچي ويٺو؛
سوچون ۽ سپنا ٿا جهومن،
جيوت جا نقشا ٿا جهومن!

رچت گهٽت ۾ چيرا چرڪيا، جيون جا پل پوه بہ چرڪيا،
ڪَر ڪٽي ڪونجن جان ڪرڪيا، پرڙا ساهي، ڦڙڪيا، ڦڙڪيا؛
نيڻن جا تارا ٿا جهومن،
جذبن جا جارا ٿا جهومن!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# غزل

اڌلت روپي تنهنجو ناءُ،
تنهنجون ساروڻ ميگهه ملار!

سپني مان چرڪايو تاج،
ڪنهن مڌ ماتيءَ نيڻ نهار!

سونهن، سچائي ۽ سرهاڻ،
منهنجي جيوت جا جنسار.

برکا رُت، انگوري آس،
ساهه سنياريا وچڙيل يار!

ڪوڪو ماڻهو مصريءَ سنگ،
جنهن جي سار به ماکيءَ لار.

ڪنهن جا ٻول ڪسارا ٿوهر،
ڪنهن جا چپ به چانهين ڦار.

سونهن نگر جي سڌ نه رک،
وک وک واسينگن جا وار.

سڌ سوکي آ، اوکو سنگ،
سوريءَ سڌ، پريت پچار!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

سنڌوءَ جرتي تارن ڇانوَ،
ياد ڏياريا وسريل ناتوَ!

ڇولي ڇاڪي، ڇاڪيا نيڻ،
ڪي ڪي ڪنڊرا ڪومل هانوَ!

ڪي ڪي ماڻهو مور - مثال،
ڪي ڪي ماڻهو ڪارا ڪانوَ!

ٽڙڪي پونديون طعني ساڻ،
دليون، هي شيشي جا ٿانوَ!

لفظ رساڻن گهرا گهاوَ،
لفظ ٿڌا جڻ ڇمر - ڇانوَ!

حسن اسان جو آ معبود!
دنيا وارا سچ چوانوَ!

سچ - سنيهو سنهنجا گيت،
پر جي ڏيهي پيانه پوانوَ!

پيٽ اوهان ڪي ماروڙا،
گيت ڏيان يا لڙڪ ڏيانوَ!

اچو اچو او هاري يار!
چيڪيءَ - هاٿا هٿ ڇمانوَ!

پورهيتن جو پگهر گلاب،
پوڄا جهڙا تن جا ناوَ!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

ڪومل مکڙا، مُکڙين جهڙا،
ٻـڪيا، پينو، ننڍڙا ٻـچـڙاءِ

ڦٽپـاٿـي انـسان ڏسـو ڙي!
هٿ ۾ ڪشتا، قـاتل ڪـپڙا.

شهرن جـو مـاحول مشيني،
سوچون دونهون، ماڻهو چڪڙا!!

چند جڳهين مان ڦٽڪي نڪتو،
ڪـرن چـار وچايا ٽڪرا.

گٽرن جي ڪيڙن جي وچ ۾،
ماڻهو موتين جي گـل جهڙا!!

گهگهه اونده ۾ ڏيئا ٽمڪيا،
نئين ٿيءَ جـا شـاعر ننڍڙا.

نئين نسل جي سوچ سگهاري،
سـون - سريـڪا سپنا سـچـڙا!!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

برکا - رُت اچــا تہ نہ آئي،
تاڙا! تنھنجي تــانگھہ اجائي.

مند - ملھاريءَ جــو اوســيڙو،
ســولي ڳالھہ تــہ ناھي ڪائــي.

ڏاھہ ڪيون ڪئن اونداھين سان؟
پــاڻ تہ پرھن جــا شيدائي!

آپ تي اچڙي ھيڪل ڪڪري،
ڪونج ولر ڪان ڪنھن وڇڙائي؟

ھــولارن ۾ تــيــو پــڙاڏو،
ڪنھن تہ ڏڪائي ھيءَ خدائي!

ڌرتيءَ - چاوا مات مــٺــا چــو؟
دانھن متيءَ جي ڪنھن نہ ڪنائي.

گھاٽي جھڙ ۾ ســج ڏٺو مون،
ڪيئن چوين تو آس اجائي!

جڳ سڄي ســودائي ســڏيو،
تاج جڏھن ڪا وائي ڳــائي!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

سوچون، وچ- وراڪا،
واڪا، واڪا، واڪا!
ويريءَ جي اڪ ميري،
ڏرتي روز ڏماڪا!
ڏيهه ۽ ڏت تي پهرا،
سڀ جا نيڻ ڇڏاڪا!
پيرا، پيرا ڇاتي،
ڪهڙا لڳندا ڏاڪا؟
واهه سڌائو وريو،
سڙهه جا ڇوڙيو ساڪا!!
شاعرا تنهنجا سپنا،
خالي ناهن خاڪا.
آبتي ڳالهه نه مڃجي،
ايڪا پوه ڌماڪا!

*

ڳل پرهه جا ڇميا هير،
ڪوي! لکي ونڪا تحرير،
سج، ڪرڻن جي ڪئي چٽڪار،
ڏرتي، مصور جي تصوير!
اونده جي سيني ۾ گهاءُ،
روشن روشن سوچ - لڪير!
ڪيڏو اونداهو ماحول،
ڏانڊائي جان تنهن، ضمير!
ڏرتي! توکي دانُ ڏنو،
چانڊوڪيءَ - روپي تحرير.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

اوهان پرهه تي پوش پاتا سدائين،
اسان پرهه تان پاند چاتا سدائين.

اوهان رات کي روشني چؤ، پلي چؤ،
اسان رات جا روپ چاتا سدائين.

اوهان ساهه آزاد ڀوساتيو ٿيا،
اسان گيت آزاد ڳاتا سدائين.

اوهان کوڙکي پل سنواريو، سجايو،
اسان سچ جا رنگ سڃاتا سدائين.

اوهان نينهن نيٺر ۾ بندڻ گهرون ٿا،
اسان پريت جا پيچ پاتا سدائين.

اوهان، جي وطن کان وڇوڙيا، انهن ڏي،
اسان سو آڏايا ڪنياتا، سدائين.

اوهان سورما سو چڪيا تي چڙهايا،
اسان جي لهوءَ رنگ لاتا سدائين.

اوهان جون هوائن ۾ سوچون آڏامن،
اسان جا وطن ساڻ ناتا سدائين.

اوهان ڏيهه سارو ڏکايو، ستايو،
اسان خوش رکي سنڌ ماتا سدائين.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

اڃا پيار تــي وار ٿيندا رهن ٿا،
اڃا سچ تي مچ ڪورا ٻرن ٿا؟

اڃا جاڳ کي آڳـــ ۾ ٿا جلائن،
اڃا ذات تي ڪات ڪڙڪن، ڪرن ٿا!

اڃا ڏينهن تي شينهن ڪاهون ٻه ڪن ٿا،
اڃا رات، سوغات، سياڻا چــون ٿا!

اڃا ساز آواز تي آهي بندش،
اڃا هير تي تير تاڻيا وڃن ٿا!

اڃا سوچ ۽ لوچ تي آهه پهرو،
اڃا چُپ تي چُپ جا تالا چڙهن ٿا!

اڃا گهات تي گهات گولين سان چلجن،
اڃا آس جا لاش گهاٽي گهمن ٿا!

اڃا ڏاڍ جي واڍ سوکهي سسين ۾،
اڃا نينهن وارا نظربند ٿين ٿــا!

اڃا سونهن سختيون سهي پئي، سهي پئي،
اڃا ڪوڙ جا روز ڏوڙيا وســن ٿا!

اڃا ڪنهن قلم کي علم ناهه ڏاهيو،
اڃا ٻول گوليون نه ڪنهن جا ٻرن ٿا!

اڃا تاج سوراج جــو ٿيلهجي پيو،
اڃا ٺهڪ ۽ ڇهڪ ڏاريا ڏين ٿا!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

❋

اکين جا ڪنول شل نہ ڪومائجن،
ڙيل گل لڪن ۾ نہ لوسائجن!

سدا سونهن ۾ سداھہ سرھائجن،
سدا سک جي چانوري ۾ جين!

سدا سچ جي سوچ ڦولارجي،
سدا نينهن جا مينهن وسندا رهن!

سدا پون جا پان پاکيا رهن،
وطن لاءِ سرجون صدائون هٺن!

سدا سنڌ سان جند جڙيل رهي،
ڪڏهن نينهن جا هي نہ ناتا ٽٽن!

فڪر پٽ ڏڻي جو پڪاري پيو،
عمر جا ڪڙا، ڪوٽ ڪيرائجن.

جتي نينهن نيزي تي سر جي سدا،
اها پون سنڌڙي اسان جو وطن.

جتي سونهن ۽ سچ جو ماڳ آ،
اتي ڏاج! تڪيا هلي ناهجن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

ڏات جي ڏيهه ۾ رات ٿيٽي نہ آ،
گيت، سنگيت جي مات ٿيٽي نہ آ!

سوچ جا گل ٽڙيا، سونهن جو سج ڦٽو،
روشني، روشني، رات ٿيٽي نہ آ.

اڄ قلم جي رکڻ لڄ وڏي ڳالهه آ،
سنڌ ذهنن ۾ پرڀات ٿيٽي نہ آ.

باک جي ساک کي، پرهه ڏي پيروجهه،
سچ جي سونهن خيرات ٿيٽي نہ آ.

نينهن نورا پڌايا، نچايا وڻن،
ڪٺن چوان، برهه - برسات ٿيٽي نہ آ.

همسفر! تون سڪن تي چڪن تي پڇين،
ڏات- ويڪوه سان بات ٿيٽي نہ آ.

تو ڇڻن کي سبيو، سوچ کي توکهٽيو،
سوچ ساڃي سندرڻ گهات ٿيٽي نہ آ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

*

ڪنهن سڪ اڳانجهيءَ ساهن ڪِي، سرهاڻ-نگر جي وات ڏسي،
اڻ - تارو هوندي تري ويا اڄ، نيڻ نيڻهن جي تار ندي.

ٿا چانڊوڪيءَ جا چٺاڪا ٽپڪن، نيڻ-ڇپر جي وٿن منجهان،
او چنڊ، اکين جي ننڊ نہ ڪس، آرام ڪرڻ ڏي ڪانہ گهڙي!

هن ٻِيت ٻُٽيءَ ڪي ٽيڪ نہ ڏي، هيءَ ٻيت ڪرڻ تي آ ٻيارا،
هن ٻيت جي چاڙهہ چاڙهُ ۾، آ ٻوريل تنهنجي آزادي.

اوراڙَ، ٻراڙ، ڪتان ٻہ ڪنن تي ڪو سڏ سُڄاڻو پهتو آ،
مون ورنديءَ ۾ ورلاپ ڪيو آ، ڪاڏي منهنجي ساھ ڇڇي.

اونده جي ڪاريءَ چاتيءَ ۾، ڪاھ ڪنهن تہ آمازي ڪوڙي هئي،
اڄ پره - ٻريءَ جي پيشانيءَ تي، ڏس تہ ڪيڏي ٻيو سج ٽڪني.

*

منهنجي ڪورِتا ڊيل - نويل،
ڪارونجهر تي ڪيلي ڪيل.

رِٽ ٻِٽ تي اوڏا - پير،
ٿر - چاوا، اک ٻٽ سوِيل.

مورن تي ٿو تاڻين تير؟
ماري، هاڻ نہ رَنبي ڊيل!

سنڌڙي! تنهنجي ميري سينڌ،
مان ڪئن ڪريان تيل - ڦليل.

نئين نسل جون تحريرون،
ڪنوٽيون، ڪنوٽيون، ڪجڪا-ڪيل.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

## ● نظم

هيڪل جيءَ، هزارين جهوريون،
- جان جلي ٿي.
اڪ تماشا لڪ ڏسي ٿي،
- ڏنڀ ڏئي ٿي.
ڏيهه ڏڪارو، ساٿي، سارو!
- سوچ سڙي ٿي.
آڏيءَ تاڻي ڳيرو ڳائي،
- ننڊ ڦٽي ٿي.
ڀوئينءَ رات تتر جو ٿڪو،
- باک ڦٽي ٿي،
ڪر موڙي ڪا ڪنواري ڪوتا،
- جهول جهلي ٿي،
ڏات ڪويءَ جو ڏيل ڏنگي ٿي؛
- گيت گهڙي ٿي.

*

ڊبَ تي ٻوهه جا جيئن ٻوٽا ڇمن،
لُڪ ڪوسيءَ ۾ ڪين ڪومائجن،
سچ ۾ سونهن ڪن، ڦول ڦولارجن،
سچ جي ناَو ۾ ڪَٽرَ ڪٽي ٿا جين.

تيئن انسان ڪي سورما ٿا ٿين،
ڏک ۾، بک ۾، وک اڳتي وڌن؛
سچ ساٿي ڪئين، سونهن تي سر ڏين،
شينهن تي ٿا جين، مرد تي ٿا مرن!

ڊبَ تي ٻوهه جا جيئن ٻوٽا ڇمن،
تيئن انسان ڪي سورما ٿا ٿين!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

موت وهيءَ جو ٿيو،
ڄڻ ڪنهن گل چُنيو،
گل چُنيو، مهڪي،
ڄڻ پَن ڌار ڪيو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
ڄڻ ڪو ساز ٽٽو،
جنهن جي تند تند ۾،
گيت لڇيو، ڦٿڪيو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
سونهن - ڪتاب سڙيو،
ڪا تخليق جلي،
آدمو گهٽيو ويو!

موت وهيءَ جو ٿيو،
سو به ڪويءَ جو ٿيو،
ٽن جو چنڊ ٻڏو،
سَچ جو سج لٿو!
ڪنواريءَ ڪوتا جو،
ڄڻ ته سهاڳ لٽيو!
اپريل سڏڪو ڪو،
دل ۾ دٻجي ويو!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# جيون

جيون ساڻي ول آ، جنهن ۾ پيلا ڏوهه پتا،
ڪنهن ڪنهن، جيون-ول جا سارا ڪارا ڏوهه ڳتا!

جيون، ’داماهي‘ جو ٻوٽو، جنهن ۾ ڪنڊا جام،
ڪوڪو ڪل لهي ٿو ان جي، ڪوڪو چاڙي مام.

جيون، ’ڏنگڻيءَ‘ جو ٻوڙو آ، وک وک تي ايذاءُ،
آهُ ته ان ۾ ’مکڻيءَ‘ جهڙو، پريون يار هڳاءُ!

جيون جا پل اهڙا ڪوڙا، جهڙا آڪ جا پَنَ،
ڦلڙين جهڙي، آهُ! انهيءَ ۾ سونهن پيون ساجن!

جيون، واريءَ جي ڍب آهي، سچ ۽ رُڃ اپار،
آهُ! ته ٻوٽا ٻنجي جاني، ڪريون ٻوهه ڦلار!

جيون، ’چيندڙ داڀُوڙي‘ آ، چيي رَتاڻي پير،
جيون جا هي ڏنگ ڏهاڙي، سهندا مرد مٿير!

جيون ’ڪَرندڙ ڪنڊا‘ آهي، جيون آهه گلاب،
ڪوڪو ڪنڊ لتاڙي ايندو، پڙهندو سونهن-ڪتاب!

جيون اهڙي انڌلاٽ آهي، جنهن ۾ رنگ-پسار،
جيون آهه سرهه جو جهوٽو، جيون آهي بهار!

جيون جا سَوَ روپ پيارا، جيون جا سَو رنگ،
جو جيون جا رنگ سڃاڻي، سو پل جهاڳي جهنگ!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# آزاد نظم

منهنجون وٿيون،
تنهنجو وانهيرو ۽ منزي!
هر سپني ۾ توکي پايان،
اکڙين اوڏو توکي پايان،
برکا رُت جي ڪٽيءَ ڪٽيءَ ۾
تون ئي پسجين!
بسنت رُت جي هر جهوٽي ۾
تون ئي ڏسجين!
ماک ـ ميٺي ۾ توکي پايان،
ڪوهيري ۾ توکي ڳوليان!
نيري نڀ تي تارن ـ تڙڪو،
باک ـ ڦٽيءَ جو نور ـ جهروڪو،
منهنجي آڏو
توکي آڻي،
باغن ۾ ڪيئن ڪوئل ڪوڪي،
ڪٻڙن ۾ ڪيئن پوري ٻولي،
تو له منهنجو من واجهائي،
تصور جي ڪنهن هندوري ۾
توکي پائي
مست ٿئي، جهومي ۽ ڳائي.
چيٽ ـ رُت ۾،
چانڊوڪيءَ جي هر ڳوڙهي مان
تنهنجو درشن ٿيندو آهي.
راتِ سانت جي مڌر ساز تي،
گيت جڏهن ڪو ڇيڙيندي آ،
سُر ـ ساگر جي لهر لهر ۾،
سوچون سرها گل]

www.iqbalkalmati.blogspot.com

ٽيون ڏينديون، ايندي آهن!
اوجل جر ۾
تڙڳي تڙڳي،
’لاوي‘ جون ڪي لاتون ٻڌجي،
منهنجي ويجهو ايندي آهن.
گهري گهوَر اکين ۾ پائي،
سندرتا جي دڳ لڳائي،
سرت، سمڪ جا سيڙها ميٽي،
ڪنجون پري مستيءَ جي مدّ جون،
نيڻن ۾ اوتيندي آهن،
ڪا سگهه بخشي ويندي آهن!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# کڙڪبيٽا۔ ڌرتيءَ جا ڌيئا

چنڊ، رَتي پينگهي ۾ ويهي
هوا۔ لهر تي لڏندو آيو،
رات سانت جي سيني ۾
سَوَ ٻڙچيون، پالا هڻندو آيو.
آپ۔ نگر جون
ڇوريون گوريون،
سونا، روپا ڳهڻا پائي،
چنڊ۔ راجا جي راهه ۾ بيٺيون،
نيڻ وڇائي،
چندرما، هي آپ جو راجا،
نيري نڀ جي ڇپر کٽ تي ويهي رهيو؛
ڌرتيءَ ڏانهن نهار ڪيائين،
ڪرڻا ڪرڻا نُور ڇنڊيائين.
چوڌس ٽي چانڊوڪي ويئي،
ڪير جيان،
ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪنڊ روشن ٿي ويئي؛
واهڻ، وستيون،
ڇمڪي اٿيون،
دير نه گذري، هوا اتر جي گهلي زُوم سان،
ڪارا ڪڪر
اونده جا انبار ڪٽي،
۽ ڪارا ڪارا ڇار ڪٽي،
نڀ ۔ نگريءَ تي پکڙي ويا!
آپ ۔ نگرجون،
ڇوريون گوريون،

www.iqbalkalmati.blogspot.com

گهٽا لاهي،
ڊوڙون پائي،
آپ چڙهي ويون!
چوڌس پاڻ ڇمايو ديرو،
ڌرتيءَ تي ڇانيو انڌيرو.
ڪي ڪن ڳڌريا،
وونئڻن جي ڪيئن مان نڪتا،
ڪڙڪپيتا.
ٽم ٽم ٽم ٽم جوت ڏناڏون،
اونداهيءَ ڪي ڇڙو ڇپائون:
”پل تون آپ جا
تارا، ڪتيون وچ ڳڙڪائي،
اسان هزارين ڪڙڪپيتا،
ٽولا بڻجي،
ڪنيڙائين ۾ ڪنوڻ لڪائي،
روشن روشن جوت جلائي،
نور ڇٽي جي ڌارا بڻجي،
ننڍڙو، چنڊ، ستارا بڻجي،
ڌرتيءَ تي هڪڙي ويندا سون،
ڪاري اونده مات ڪنداسون،
پاڻ رات کي گهات ڪنداسون،
ننڍڙا آهيون ڪڙڪپيتا،
ڌر ماتا جا ڏيئا آهيون،
ليئا پائي، روشن روشن رات ڪنداسون،
ڪاري اونده مات ڪنداسون!
پاڻ رات کي گهات ڪنداسون!!

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# رينگا *

ٽم ٽم ٽم آڪاش،
ماڻهوءَ جو وچ رستي تي،
رت ۾ لت پت لاش.
ڪولي پيو ڪو ڪيسن ڪي،
ڳولا ۾ آپيسن جي!

*

موتين مالهائون،
ڳوڙها ڳوڙها ڳل تي،
اندلت ريڪائون.
هنج لتا چڙهي تـَل تي،
آجري آجري جـَل تي!

*

* جاپاني نظم "ٽنڪا" (Tanka) جي هڪ بند کي "رينگا" (Renga) سڏيو ويندو آهي. "هائيڪو" جي وچ واري ست سان پوين ٻه ستون همروزن ۽ همقافيه ملائڻ سان "رينگا" ٺهي پوندو آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com

# چٽارا *

ڪڪرَ ڪڪرَ جي ڪنڊِ مان ٻاڏي، چنڊ ليا ڪا جيئن،
تيئن جوانيءَ جي چانڊوڪي، ڦيڏي ٽيندي ڪيئن؟
ڦيڏي ٽيندي ڪيئن؟ ٻندن ۾ جهلڪا ڏيندي سونهن!
چهر ٻهر ۾ چم چم چم چم، چلندي ايندي سونهن!
من-ڪنول تي آيري ايندي، آشا - رنگ - لهر،
جيون- آپ تان وڙي ويندا، ڪارنهن سروپ ڪڪرَ!

*

کُوِرتا ڪئن ڪانگهاري ٽيندي؟
ڳُوها ڳُوها سوچون ڏيندي؛
سوچون ڏيندي، جوين ونتي،
جيون- جوتي، جرڪي پوندي،
ماڻهوءَ - مَنَ جا سارا سپنا،
لفظن ۾ سانيي تي ڪَوِتا!

*

جذبا جاڳيلءَ راتِ سَنَتلَ،
شاعر ڦيڏي، سوچ چِٽل،
سوچ - چِٽل ڦڙڪايا پَرَ،
ڪوليءَ جا اورانگهي دَرَ،
نڪري آئي آ ڪيوتا،
دل جا جرڪائي جذبا!

*

---

* ”چٽارو“ نئين صنف آهي- پراڻي هندي ۽ سنڌي شاعري ۾ ”ڪنڊلي“ نالي هڪ صنف هئي، جنهن جو سٽاءُ بيت جي ماترائن تي ٻڌل هو، ۽ ان ۾ وزن ۽ ماترائن جي ترميم ڪري ”چٽارو“ ايجاد ڪيو ويو آهي. چٽاري جي ٻي سٽ جو قافيي وارو اڌ، ٽين سٽ جي منڍ وارو اڌ لازمي ٿيڻو آهي، ۽ پهرين سٽ جو پهريون لفظ، آخري سٽ جو آخري قافيو ٿيڻو آهي. (تاج)